## ٻہ تہ ٻارهن

ارشد ۽ سليم پاڻ ۾ دوست هئا. اُهي پاڙيسري ۽ هم ڪلاسي بہ هئا. اسڪول بہ گڏجي ويندا هئا ۽ ساڳي بئنچ تي ويهندا هئا. راند بہ گڏجي کيڏندا هئا، تہ اسڪول مان مليل گهر جو ڪم بہ گڏجي ڪندا هئا. ائين گڏ کيڏندي، پڙهندي ٻنهي مئٽرڪ پاس ڪئي. ارشد مئٽرڪ پاس ڪري شهر پڙهڻ هليو ويو ۽ سليم پنهنجي پيءُ سان ٻنيون سنڀالڻ لڳو. ارشد گهڻو ئي چاهيو ٿي تہ سليم بہ وڌيڪ پڙهي، پر سليم جي گهرُو حالت کيس ان جي اجازت نٿي ڏني. ارشد پڙهي وڏو امتحان پاس ڪري وڏي عهدي تي وڃي پهتو.

نوڪريءَ ۾ بدلي تہ ٿيندي رهندي آهي. سو ارشد بہ ملڪ جي مختلف شهرن ۾ بدلي ٿيندو رهيو. هُو جتي بہ رهندو هو، اتان پنهنجي ننڍپڻ جي دوست کي باقاعدي خط لکندو رهندو هو. ڪافي عرصي کان سليم وٽان خط اچڻ گهٽجي ويا، پر ارشد پنهنجي دوست کي ڪڏهن بہ ڪونہ وساريو. جيتوڻيڪ هن کي سليم جي خط نہ لکڻ تي ڳڻتي ضرور هئي! ارشد جي بدلي پنهنجي ئي ضلعي ۾ ٿي. هُو ڪجهہ ڏينهن بعد پنهنجي ڳوٺ ويو.

ارشد، ڳوٺ ۾ پنهنجي اچڻ جو ڪنهن کي بہ اطلاع ڪونہ ڏنو هو. هن سوچيو تہ اوچتو ڳوٺ پهچي سليم کي حيران ڪري ڇڏيندو! هو شام جي وقت ڳوٺ پهتو هو ۽ سڌو سليم جي ٻنين

ڏانهن هليو ويو. اُتي ئي هُو ۽ سليم سدائين پاڻ ۾ ملندا هئا ۽ ڪچهري ڪندا هئا. ارشد جيئن ئي اُتي پهتو ته اُتي ويرانيءَ کان سواءِ ڪجھ به ڪونه هو. ارشد ڳوٺ جي گهٽين مان ٿيندو، سليم جي گهر ڏانهن وڃڻ لڳو. ڳوٺ جي گهٽين ۾ به هن کي اڳين رونق نظر نه آئي. ڳوٺ جي بازار به بند هئي. ارشد جڏهن سليم جي گهر پهتو ته اها گهٽي به ويران لڳي پئي هئي. هن جڏهن سليم جي گهر جو در کڙڪايو، ته پهرين ته ڪو به جواب ڪونه مليو، پوءِ ڪنهن ڊنل آواز ۾ پڇيو ته ڪير آهي؟ ارشد هڪدم پنهنجي دوست سليم جو آواز سڃاتو. ”اڙي يار آءٌ آهيان ارشد.“ سليم هوريان هوريان ڪري دروازو کوليو ۽ ارشد کي ڇڪي اندر ڪيو.

ارشد ڏٺو ته سليم ڏاڍو گهٻرايل هو. پوءِ سليم جڏهن ارشد کي ڳوٺ جي بربادي جو احوال ٻڌايو، ته ارشد کي ڏاڍو ڏک ٿيو. ڌاڙيلن ڳوٺ جو سُک، امن ۽ خوشيون ختم ڪري ڇڏيون هيون. ماڻهن جو چين تان مُرڪ گم ٿي ويئي هئي. رات ته رات، پر ڏينهن جو به ماڻهو گهرن مان ٻاهر نڪرڻ ۾ ڊپ محسوس ڪندا هئا.

هاڻي نه هيون اُهي ڪچهريون نه اُهي ميلا ملاکڙا، نه اُهي رانديون روندليون. ڳوٺاڻا مڪمل طور ڌاڙيلن جي رحم ڪرم تي هئا. ارشد دل ئي دل ۾ پنهنجي ڳوٺ کي مڪمل تباهيءَ ۽ بربادي کان بچائڻ جو فيصلو ڪري ورتو. هن پڪو ارادو ڪيو،

تہ هُو هر صورت ۾ پنهنجي ڳوٺ ۾ سک، امن ۽ خوشي واپس آڻيندو ۽ جڏهن هن پنهنجو فيصلو سليم کي ٻڌايو، تہ سليم سندس ساٿ ڏيڻ جو واعدو ڪيو.

ٻئي ڏينهن ارشد ڳوٺ جي ماڻهن سان ان ڏس ۾ هڪ گڏجاڻي ڪئي ۽ انهن کي چيائين تہ "ٻڌيءَ ۽ ايڪي سان، همت ۽ بهادريءَ سان انسان ڏونگر بہ ڏاري سگهي ٿو. اسين بہ هڪ ٻئي جي ساٿ ۽ سهڪار سان ڌاڙيلن جو مقابلو ڪنداسين." ارشد جي ڳالهين نوجوانن ۾ جوش ۽ جذبو پيدا ڪري ڇڏيو.

انهيءَ سلسلي ۾ ارشد انتظاميا جي اعليٰ عهديدارن جي گڏجاڻي سڏائي ۽ بدامنيءَ جي خاتمي لاءِ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. ان کان پوءِ انتظاميا ۽ ڳوٺاڻن جي گڏيل ميٽنگ ڪئي وئي. جنهن ۾ ڌاڙيلن جي خاتمي جي حڪمت عملي جوڙي وئي ۽ ان وقت کان ئي ان تي عمل شروع ٿي ويو. هڪڙي ڏينهن هنن کي ڌاڙيلن جي چُرپُر جو پڪو اطلاع مليو ۽ پوليس ۽ هٿياربند ڳوٺاڻا اوچتو وڃي ڌاڙيلن تي ڪڙڪيا. ڏاڍو سخت مقابلو ٿيو.

مقابلي ۾ هڪ ڌاڙيل مري ويو ۽ ٻيا هٿيار ڦٽا ڪري پيش پيا. انهيءَ مقابلي ۾ سليم بہ زخمي ٿي پيو هو. ارشد ان کي کڻائي شهر جي اسپتال ۾ داخل ڪرايو. سليم جو ڪافي رت وهي چڪو هو ۽ بيهوش هو. ارشد، سليم کي رت ڏنو ۽ الله تعاليٰ کان پنهنجي دوست جي زندگيءَ جون دعائون گهرڻ لڳو.

صبح ٿيڻ وارو هو. ٿڌي ٿڌي هِيرَ پئي گُهلي، پکين جي مٺڙن آوازن تي سليم جي اک کُلي پئي ۽ هُن ڏٺو تہ سندس دوست ارشد هن جي سامهون بيٺو مُرڪي رهيو هو.

## مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1- سليم وڏيڪ ڇو نہ پڙهي سگهيو؟
2- ارشد جڏهن ڳوٺ پهچي، ٻنين تي پهتو تہ اُتي ڇا ڏٺائين؟
3- ڳوٺ جي تباهي ڏسي ارشد دل ۾ ڪهڙو فيصلو ڪيو؟
4- سليم ۽ ارشد ڏاڙيلن جو خاتمو ڪيئن آندو؟

(ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

ڳِٽتي – هوريان – ٻَڌي – ڏونگر – سهڪار – هِير.

(ج) هن سبق ۾ ڪجھ ٻٽا لفظ آيا آهن، جيئن "هوريان هوريان" توهين سبق مان ڪجھ اهڙا ٻيا ٻٽا لفظ لکي ڏيکاريو.

(د) هيٺين غلط جملن کي صحيح ڪري لکو:

1- هن ڪتابون پڙهيون.
2- مون آواز سڃاتي.
3- سيني ۾ دل ڌڙڪيو.
4- اڄ موسم سٺو آهي.